# جُذبن جو جادو

(شاعري)



حڪيم پريم چانڊواڻي

سُندر پبليڪيشن مٺي

# جذبن جو جادو

## (شاعري)

حڪيم پريم چاندواڻي

نوَل
سُندر پبليڪيشن متي

فيبروري 2023ع

ڪتاب جو نالو: جُذبن جو جادو

موضوع: شاعري

شاعر: حڪيم پريم چاندواڻي

ڇاپو: فيبروري 2023ع

ڪمپوزنگ/ٽائيٽل: وسند چوَهاڻ

نوَل سُندر پبليڪيشن مٺي، ٿرپارڪر

JUZBAN JO JADU

(Poetry)

Poet: Hakim Preem Chandwani

Nival Sunder Publication, Mithi, Tharparkar

# ارپنا

پنهنجي ادبي ڪاوش ارپنا ٿو ڪريان

ابي امان پنهنجي پيارن ۽ پُٽن

راجيش چاندواڻي

راجا رڻجيت، راهول ڪمار

۽

انڪت راج

کي

سونَ بَرابَر سَڳَرا، مارُوءَ سَندا مُون؛
پَٽولا پَنوَهارِ کي عُمَرَ! آڇ مَ تُون؛
وَرُ لوئي جي لُون، ڏاڏاڻِن ڏِنيامِ جا.
سر:مارئي

شاه صاحب

# مهاڳ

رابرٽ برنس اسڪاٽلينڊ جي پهاڙي سرزمين جو رهاڪو ۽ انگريزن جو عوامي شاعر هيو. جنهن ڪان ڪنهن صحافي پڇيو ته اوهان وٽ خوبصورت ۽ صحت مند ادب تخليق ڪرڻ جو سبب ته هن جواب ۾ چيو هيو، اسڪاٽلينڊ جا خوبصورت ۽ مظبوط پهاڙ ئي اسانجي شاعري ۽ ادب جو روح آهن اسانجي خوبصورت سرزمين جي ڪري ڪري اسانجي شاعري ب خوبصورت ۽ پهاڙن جئيان ارڏي آهي اهو ئي سبب آهي جو سنڌ جي سرزمين ب ايتري خوبصورت آهي جو اتي آرٽ جا سڀ رنگ ڪيتن ڪان وٺي پهاڙن تائين موجود آهن،

اهو ئي سبب آهي لطيف جي ٽيهن سرن ۾ ب سنڌ نہ ماپي سگهي ، سنڌ جي سمنڊ تي لطيف ڪي سر ساموندي لکڻو پيو جنهن ۾ وڻجهارا ۽ انهن جي ڪم ڪار انهن جي گهروارن جي ڪفيت سمنڊ جي اهميت کي بيان ڪيو ويو،

سنڌ جي درياء تي لطيف کي سر سهڻي لکڻو پيو سنڌ جي محب وطن بهادر عورتن لاء سر مارئي لطيف کي لکڻو پيو ۽ هن ديس جي پکين جي ٻولي ۽ نسلن ۽ عادتن تي لطيف کي سر ڪنيات لکڻو پيو پر صرف مينهن جي موسم ۽ ان ۾ ديس جي رونقن تي لطيف کي سر سارنگ لکڻو پيو تڏهن ب ن سنڌ جي سونهن ڪٿي نہ ئي وري تخليق جو سفر رڪجي ويو، اهو ئي سبب آهي ته تخليق جو سفر اڄ ب ساڳئي رفتار ۾ روان دوان آهي،

هونئن ته سنڌي ادب مختلف دورن مان گذريو آهي پر اسان وٽ سنڌي ادب خاص ڪري سنڌي شاعري جو سونهري دور ڪلهوڙن جي دور کي سمجهو وڃي ٿو انڪري تہ شاه لطيف ان دور جو شاعر

آهي جنهن وائي ۽ بيت جهڙي صنف ۾ پنهنجي خيال کي سمايو.

پر سچ اهو آهي تہ ائين بہ ڪونهي ته لطيف کانپوء پنتي صفا سڃ آهي، لطيف کانپوء بہ سنڌي شاعري جو شاندار سفر جاري ۽ ساري آهي، سنڌ جي اندر ماٺهن کان وٺي پکين ۽ شاعري جي صنفن تائين ڪوڙ قافلا پهتا آهن سواء مهمان پکين جي باقي سيني شئين جي ميزباني جا فرض سٺي نموني اسان ادا ڪيا آهن، سنڌ ۾ سائنٽ هائڪي کان وٺي ڪيترين صنفون ٻاهران آيون پر غزل ته عرب سڀڳورن جيان آيو ۽ اسان تي فاتح ٿي ويو غزل اسان وٽ مختلف دورن ۾ لکيو ويو آهي، غزل پنهنجي معنا ۾ عورت سان قرب ڪچهري ڪرڻ آهي،

پر اسان وٽ غزل جي صنف ۾ سماجي، معاشي، سياسي، معاملن کي ب بيان ڪيو وڃي ٿو، غزل جا پهريان شاعر نور محمد خستا ، مرزا تقي، حافظ عالي، ميان چتن آهن، جن غزل لکيا جن جي غزل تي فارسي جو اثر رهيو آهي، پر غزل تي وديڪ طبع آزمائي مير عبدالحسين سانگي ڪئي آهي جنهن ڪري سنڌي شاعري ۾ غزل جو بهترين شاعر مير عبدالحسين سانگي کي سمجهو وڃي ٿو ۽ مير عبدالحسين سانگي غزل جهڙي صنف جو بهترين حق ادا ڪيو آهي، ڪيترا غزل جن مقبوليت پڻ ماڻي پر ائين ب نا هي ته غزل سانگي تائين محدود رهيو آهي، انڪانپوء ب غزل لکيو ويو آهي ۽ ڏادو شاندار غزل لکيو ويو آهي، شيخ اياز بهترين غزل لکيا آهن ۽ اياز جي لکڻ سان جڻ تي سنڌي شاعري جي چٽي تي، اياز سنڌي شاعري کي نئون رنگ ۽ نئين سوچ ڏني، اياز جي ساڳئي تهي ۾ ايم ڪمل ب شاندار غزل لکيا آهن ،نارائڻ شيام پڻ خوبصورت غزل لکيا آهن، استاد بخاري، امداد حسيني، مخدوم طالب مولا، وفا ناٿن شاهي، آٿم ناٿن شاهي، ذوالفقار

پريم هن موجوده ٿهي جو تمام سٺو شاعر آهي جنهن غزل جهڙي صنف سان تمام شاندار نڀايو آهي ، حقيقت ۾ اهو ڪمال سنڌ ڌرتيءَ جو آهي جنهن سنڌي شاعرن کي ، بانسري ، سنڌو درياه جون ٻئي خوبصورت ڪنڌيون ، سرسبز کيت ، باغ ، سمنڊ ، پهاڙ ، پوپريون ، پوپٽن جهڙو پلاٽ عطا ڪيو آهي ، ۽ پرين سائين ان دلربا ديس جو دلربا شاعر آهي جنهن جي شاعري ۾ اهي سڀ حسناڪيون موجود آهن ، ۽ ان ڌرتيءَ جا درد به شامل آهن تت پهاڙن جيڏي ارڏائپ ۽ سنڌو درياه جي وهڪري جهڙي راونگي

به سندس شاعري ۾ موجود آهي-

پريم جي شاعري ۾ ديس جي سهڻن گلن جهڙي خوشبوءِ به سمايل آهي ت پوپرين جا خوبصورت ٺهڪ به ۽ پوپٽن جا رنگ ۽ محفلن جون رونقون به شامل آهن ، پريم چاندواڻي سنڌ جو خوبصورت شاعر آهي جنهن جي شاعري جو جادو پڙهندڙ کي قابو ڪري وٺي ٿو ، اميد ت پريم سائين وسيع مطالعي ۽

مشاهدي ڪرڻ سان سنڌي ادب ۾ وري نوان رنگ ڀريندو -

ڪڏهن دل محبت جو ساگر لڳي ٿي
ڪڏهن پيار پياسا، رڻن ۾ رلياسي ،
"پريم"

آزاد جروار ڌوکري

20 فيبروري 2023

# هر دل جو ترجمان شاعر حڪيم پريم چانڊواڻي

حڪيم پريم چانڊواڻي صوفي هجڻ ناتي انسان دوست آهي، هن پنهنجي شاعريءَ ۾ هر دل جي ترجماني ڪرڻ جي سڦلي ڪوشش ڪئي آهي، حڪيم صاحب امن اهنسا ۽ الفت جو شاعر آهي- هن جي شاعريءَ ۾ حقيقت ۽ سچائيءَ جو رنگ نمايان نظر اچي ٿو، هن جي شاعري ۾ ظاهري ۽ اندروني ٻئي ڪيفيتون شامل آهن- حڪيم صاحب جي شاعري جدت ۽ شدت جو حسين سنگم آهي- ان کي وري تجنيس حرفيءَ جي استعمال چار چنڊ لڳائي ڇڏيا آهن- هن کي ڌات ڌانوءُ. فن فڪر قدرتي مليل تحفا آهن- هن جي شاعريءَ ۾ گلدستي وانگر مختلف گلن جي مليل جليل مهڪ شامل آهي، جيڪا تيز نه پر وڻندڙ آهي- حڪيم پريم چانڊواڻيءَ تقريبن سيني صنفن تي لکيو آهي پر مونکي هن جو غزل وڌيڪ سگهارو لڳندو آهي- انهيءَ سان گڏ هن جا چوسٽا ۽ دوها پڻ عمده آهن-

هن جي شاعري جاندار ۽ شاندار آهي- هر هڪ لفظ چڻ ساهه کڻندو محسوس ٿيندو آهي-هن جي شاعريءَ ۾ سنڌو درياهه واري رواني موجود آهي- شاعريءَ ۾ بيساختگي پڻ مثالي آهي- مجموعي طور اهو چئي سگهجي ٿو ته هن جي شاعريءَ ۾ اهي سموريون خوبيون موجود آهن جيڪي شاعر کي نمايان حيثيت ڏيارن ٿيون- هن جي شاعريءَ جي اها به خوبي آهي ته بلڪل منفرد آهي ۽ انجي نواڻ خوبصورت آهي-

هي ڪتاب جذبن جو جادو سندس ٻيو ڪتاب ڇپجي رهيو آهي- هن کان اڳ ۾ دوهن جو ڪتاب ٻول انمول شايع ٿي چڪو آهي-

هن جي شاعري سنڌ جي تقريبن سڀني ناليوارين اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجي چڪي آهي-

حڪيم پريم چانڊوانيءَ جو لکڻ جو سفر جاري آهي- هن وقت ٻارهون ڪتاب تخليق ڪري رهيو آهي، الله پاڪ کيس سٺي صحت ۽ لمبي ڄمار عطا ڪري ته جيئن اسان کي عمدي شاعري پڙهڻ لاءِ ڏيندو رهي، سندس تخليقي عمل سدا جاري ۽ ساري رهي آمين-

راهول پريمي

ڏوڪري-

07 فيبروري 2023

# اداري پاران:

نَول سُندر پبليڪيشن ايڊيشن جي سلسلي جو نئون ڪتاب ”جُذبن جو جادو“ اوهان جي اڳيان پيش آهي هي خوبصورت شاعر تخليقار حڪيم پريم چاندواڻي جي شاعري جو مجموعو آهي-
آزاد جرواز لکي ٿو ته:

پريم جي شاعري ۾ محبوب جي حسناڪي به آهي ته مرڪ ٽهڪ به آهن ته ساڳئي وقت مظلوم ۽ مسڪين ماڻهو جي اک مان ڪرندڙ لڙڪ به آهن سانوري ۽ جا ٽهڪ به آهن ته هڪ لاچار رسمن ماري عورت جا ڏک به آهن ته صدائون به شامل آهن ڌرتي محبت به شامل آهي تہ تصوف جا رنگ به شامل آهن سچ اهو ته ڪو فيصلو ڪرڻ اوکو آهي بس ايترو چئي سگهجي ٿو سونهن نگر جو پريم سنڌ جو بر جستو ۽ مذهب شاعر آهي شاعري سنڌي ادب جي آسمان تي روشن تاري جيان چمڪندي رهندي.
هن جي سوچ ۾ تخليق اهو جگنو آهي جيڪو رات جي اونده ۾ ڪيترن کي سهي دڳ لائيندو-

نَول سُندر پبليڪيشن پاران ’جذبن جو جادو‘ جي اشاعت پڻ پنهنجي لاءِ هڪ عزاز سمجهون ٿا.اميد ته پڙهندڙن لاءِ هي ڪارائتي سوکڙي ضرور لاڀائتي ثابت ٿيندي.

وسندچوهاڻ

نَول سُندر پبليڪيشن مٽي

# دُعا

اداس آهيان، نراس نا هيان
پنهنجن ٻچن جي مان آس آهيان.

مرض منجهايو، شفا ڏي مالڪ---.

روح منهنجي کي راحت ڏي رب-

منهنجي خطا جو حساب نا هي،
تنهنجي عطا جو، حساب نا هي،

خطائون خاميون ڏس نه خالق...

روح منهنجي کي راحت ڏي رب-

هلان هميشه راهِ هدايت،

لله ڪر ڪا اهڙي عنايت،
بڻاءِ عابد، بڻاءِ سالڪ

روح منهنجي کي راحت ڏي رب-

پنهنجي عطا سان عمل بخشج،
عمل آعلي، عقل بخشج،
سچ ڳالهايان رهان مان صادق...
روح منهنجي کي راحت ڏي رب-

قرض و مرض کان معافي ڏي تون،
صحت كامل شافي ڏي تون،
تون ئي مون لئي حكيم حاذق....
روح منهنجي كي راحت ڏي رب.

قرب قادر، كافي كرم كر.
"پريم" تي پيارا پنهنجو رحم كر.
رزق روزي جهجهو ڏي رازق...
روح منهنجي كي راحت ڏي رب-




9

# غزل

محفل ۾ اڪيلائي، ميلي ۾ اڪيلائي،
هير گهلڻ تي ٿو، آواز اچي تنهائي-

خيالن ۾ رابطو، هر دل جو مشغلو،
پيار جي راحت سان، پريمين دل بهلائي-

هر ياد جي مجبوري، پرين ملڻ آ ضروري،
پيارن جي بيوسي، هر دل لڳي شرمائي-

هي ساڙ سڙي دنيا، هر پيار جي دشمن آ،
هر پيار ڪندڙ دل سان، خوشين ڪونه رهائي-

دستور دنيا جي ڪان، ٿو سنسار هلي ابتو،
ڪوڙ جي جيت ٿئي، هارائي وڃي ٿي سچائي-

احساس ڪان جا عاري، تنهن دنيا ڪان بيزاري،
چو راهون بند ٿيون، ڪنهن نفرت آگ لڳائي-

"پريم" جي دل آسي، ڏرتيءَ جيئڻ پياسي،
احساس جي گهات ڪري، هر دل آهي گهائي-

# غزل

اسان انس وارا، ڇا ڇاڙون جفائون،
ملن روز بيحد، دنيا کان دغائون-

اتو اهل دل سڀ، زماني کي بدليون،
جفائن جي بدلي، لٽايون وفائون-

سدا ڇو اسان تي ئي، بجلي ڪري ٿي،
مقدر تي ڇانئيون، ڇو ڪاريون گھٽائون-

تو زمانو اسان سان، عجب کيل کيڏي،
هليون ڇؤطرف کان، مخالف هوائون-

ڪڏنهن ڪونه ڪوئي، سهارو بڻيو ڪو،
وٺيون ڪونه ڪنهن کي اسان جون ادائون-

دردن جو ڪوئي، مداوا نه ٿيو آ،
ڪنايون نه ڪنهن به اسان جون صدائون-

"پريم" جو رهي، بول بالئ سدائين،
اگھن شال دم دم اسان جون دعائون-

# غزل

خاموش رهندي رهندي، ماڻي خوشي اسان،
ظالم جو گهر جلي ويو، گهر جي ئي باهه مان-

ٻئي تي نه ياڙجي جو، ويساهه تو ٽٽي،
اهڙو نه ڪوئي رشتو، جهڙو ابو امان-

ناٽو ۽ ٽاٽو دوستو، ناهن عزيز ڪنهن جا،
پڇتائي تو پو هرڪو، جڏهين وڃن هٿان-

نياڻي آست قرآن ۽ دل لامڪان آهي،
اها سوچ ڪراو ظالم، توڙين ڪا دل متان-

گمراهه تو سدائين، چوڻ تي چوٽ ڪائي،
مومن نه چوٽ ڪائي، ٻيهر وري اتان-

صوفي "پريم" جي ٻڌ هر ڳالهه ڏيان سان،
معنيٰ جا موتي ملندا، توکي سدا نوان-

# غزل

قصو آ مختصر، هن زندگيءَ جو،
فڪر ڪر روشنيءَ ۽ بندگيءَ جو.

عجب سارو، دنيا جو هي فسانو،
مزو وٺ محبتن، ۽ دل لڳيءَ جو.

رکيو ڇا هي؟!!، ڀلا ڏس نفرتن ۾،
هجي دارو ڪوئي، هن بيوسيءَ جو.

ٽٽي ٿي دل اگر، پوءِ ڪيئن جڙندي،
وڪر ناهي ڪو اهڙو، دل ڀڳيءَ جو.

ناهي ڪا سوچ، دردن جي دفع جي،
وريو آواءِ کهڙو ، بيحسيءَ جو.

"پريم "ڪر سوچ!، ورندو وقت ناهي،
سجاڳيءَ جو وقت، ناهي بيخوديءَ جو.

# غزل

محبت هر ماڻهوءَ جي دل تي، دستڪ آڏيندي،
دل پيار جي پاڻيءَ سان، سيراب آهي ٿيندي-

هر چهرو ماڻهوءَ جي من ڪي، موهيندو نا هي-
ڪنهن ڪنهن چهري ۾، آ ڪشش گهڻي هوندي-

رهندي ماڻهن جي محفل ۾، تنها پئي لڳندي،
محبت جنهن جي من ۾، سا پڌري ٿي پوندي-

اڪثر ماڻهو نفرت جي ٿا، اونده ۾ گهارن،
ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ ڪي، محبت آمڻين ملندي-

خون ڪٿوري عشق آ، ڪين ڪڏنهن لڪندو،
عشق امر رهندو، توڙي جان هلي ويندي-

"پريم" ازل کان پيار جو، هر شخص آهي پياسو،
جو پيار ڪرڻ وارن تي، ساري دنيا آ جلندي-

# غزل

من اندر جي، آس نراس،
جڻ چوواتو ۽ رات اماس-

جيون پنهنجو، ائين ٿو گذري،
گهر ۾ پاسي ٿو، بنواس-

وساري ڇڏيئي سڀ قول قرار،
ڪونه رکيئي، وعدي جو پاس-

روز رهان ٿو، ڏاڍو اداس،
خوشي نه ڪائي آئي راس-

دردن دل ۾، ديرو ڪيو آ،
روڙي ڇڏيو تن، سارو ماس-

ويري دنيا ، ڇو ايڏو ستايو؟!!!
ڪونه ڪيو ڪنهن ٿورو قياس-

پريم جي پياس ته، ٻجهڻي نا هي،
شل قائم رهجي، اچي وشواس-

# غزل

ڪاڪ ڪڪوريءَ جي مومل،
من مرڪن ساڻ، ڪيو مائل،

پن چڻ جي جڻ موسم آئي،
ڪيڏي اندر ۾ آ، اٿل پٿل-

رم جهم رم جهم، بادل برسن،
وري ڪنوڻن لاتي آ، جهل مل-

ست رنگي، اندلٺ آ نڪتي،
مهڪي پيو آ، هر هڪ گل-

ٽر جي واري ، چمڪي پئي آ،
مينهن ڪئي آ جل ٿل جل ٿل-

"پريم جو من، تيو نرم ملائم،
نرم ائين جيئن، پٽ يا ململ-

# غزل

اسان پيار محبت جي پرچار ڪئي آ،
چو دنيا ديواني، پٺيان پئجي وئي آ-

جتي پوڪ محبت، پچندي هئي اڳ ۾،
اتي ڦٽي نفرتن جي، ڪندي ۾ لئي آ-

گلن ۾ بهارن جو، مذڪور ماضي،
چمن ڪي ڏسي، ڳالهه، مالهي چئي آ-

اهڙو وار ظالم، ڪو ڦهري ڪيو آ،
اميدن جي ديوي، اونڌي منهن پئي آ-

محبت جي ديوي، ويڳاڻي لڳي تي،
هڪ پل جيئي تي، چو پل ۾ مئي آ-

سدا سات محبت، نباهيو اسان سان،
تڏنهن شاعري، خوب تر مون ڪئي آ-

"پريم" ساري دنيا، اميدن تي قائم،
اميدن سهاري ئي، محنت ڪئي آ-


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# غزل

ڏينهن ڏکن جو، ڏاڍو لمبو ٿيندو آ،
وقت خوشيءَ جو، جلدي گذري ويندو آ-

سونهن کي ماڻهو، گل سان ٿا تشبيهه ڏين،
گل جو جيون، ڪيڏو ٿورو ٿيند آ-

سچ جي ٻيڙي، ڦهري ڪن ۾ ڦاسي پئي،
سچ سدائين، ڏک جا ڏنڀ پريندو آ-

حسن برابر، چئن ڏينهن جي چانڊوڪي،
عشق امر آ، صديون قائم رهندو آ-

مقصد سان ٿا، پاڻ حقيقي عشق رکون،
عشق اسان کي راهه جو رهبر لڳندو آ-

زندگي هيءَ چئن ڏينهن جو کيل آ،
ماڳ ڪي رسندو، جيڪو سنڀالي هلندو آ-

"پريم" امر آ، خوب کان آهي خوب تر،
شرط اهو آ، نمرتا ۽ سچ سان، هلندو آ-


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# غزل

اڪين ڪي اڪين سان، چوڻ ريءِ چيائين،
مون سان هٿ ملائي، اڪين تي رکيائين-

عجب ناز نخرا، ۽ انداز ان جا،
لوڏي هٿ هوا ۾، پنهنجا هٿ چميائين-

رئي ڪي وٽيندي، ڳنڍيون ڏئي ڪنڊن کي،
ڏسي مرڪي آڱر، ڏندن ۾ ڏنائين-

ڪسي دل تون مون کان، رهين دور ڇو تو،
ڪڍنهن چور دل جو، ۽ ساحر سڏيائين-

نشو نيهن وارو، پياري اکين سان،
مونکي پيار پاڻيءَ جو عادي ڪيائين-

ساگر کان به گهري، وسيع آسمان کان،
ڏئي سوچ! ، شاعر بنائي ڇڏيائين-

"پريم" تنهنجي دوري، ڏکائي تي ڏاڍو،
وساري ڇا ويٺين، خطن ۾ لکيائين-

# غزل

پنهنجو عقل ئي راهه جو رهبر ٿيندو آ،
غيرن جو ڏس، راهن ۾ روليندو آ-

نيڪي نيڪي نيڪي، ڪر دستور عمل،
اهڙو عمل ئي، روح کي راحت ڏيندو آ-

پيار جي معنيٰ انسانيت سان پيار هجي،
اهڙي سوچ جو مالڪ، هيرو هوندو آ-

جنهن کي مفاد عزيز هجي ٿو، هرشئي کان،
همدرديءَ جو خول ڍڪي، سو ٺڳيندو آ-

توسان تو جهڙو ۽ مون سان مون جهڙو،
روپ منافق، روز هزار مٽيندو آ-

سوچي سمجهي قدم کڻڻ ئي ڏاهپ آ،
پڇتاءُ ڪرڻ سان، وقت نه واپس ورندو آ-

لالچ آهي ويري، شان ۽ مان سندي،
لوڀي ماڻهو، دام ۾ ڦاسي پوندو آ-

وحشت واري دؤر ۾، وينو پيار ونڊين،
اهڙيءَ ريت ئي، داد حقيقي ملندو آ-

ٻيريون پوکي آس انبن جي، ڪيئن رکندو،
سوئي لڻندو، جيڪو ٻج ڇٽيندو آ،

"پريم" جو جذبو، هر خواهش کان پاڪ هجي،
خواهش پويان هلندڙ، خوار ٿي ويندو آ-

# غزل

ماڻهپي جي آ تقاضا، پيو سدائين رحم ڪر،
ظلم جو آ پنڌ ٿورو، ڪين ڪنهن سان ظلم ڪر-

نفرتون انسان ڪي، وحشي بنائي ٿيون ڇڏن،
نفرتن مان نا هي ورڻو، سڀ عداوت ختم ڪر-

زندگي رڙندي سال گذريا، موت نا هي ڪا ملي،
آهي سڪٽي چالبازي، پيا چون ٿا حڪم ڪر-

جنهن ڪي ٿو سائين سڏين، ان سان اچائين ٿو وري،
نرم لهجو نيڪ نظرون، ڪريل ڪم ڪان شرم ڪر-

ستم ستمن تي سهي، مظلوم عادي ٿي وڃي،
ڏک ڏيڻ ڏادا ڇڏي ڏي، تنهن جي مرضي ستم ڪر-

"پريم" تنهنجو ناں ءَ ئي محبت جي معنيٰ ٿو رکي،
سڄڻ تي سنسار جو ءِ دل سندءِ ڪي نرم ڪر-

# غزل

سدا ساٿ ڪنهن سان به دنيا نه ڏيندي،
آ ڪمزور ڪا هل ڪي پٺتي ڌڪيندي-

ڪو هالار لوڏي، اهو ناهي ممڪن،
همت ساڻ آفت، ٽري آهي ويندي-

جيڪو زندگيءَ ۾ ڪندا ويٺو پوڪي،
حياتي انهيءَ جي، زهر آهي ٿيندي-

سچائي ستائي، رهي جي عمل ۾،
ڪائي به مشڪل، ناهي ويجهو ايندي-

سدا ڇانورو ڪنهن تي، بادل ڪيو آ،
رسم راهه الفت، ائين آهي هوندي-

آهي سيج شيشن ڪندن جي محبت،
خوشيون چين آرام، آهي ڪسيندي-

پڇي جيڪو لاوا، اندر ۾ سو اڀري،
نه مظلوم جي چپ، مدامي آ هوندي-

گلستان جيئڻ ڪو، آ ويران هوندو،
فراقن ڦٽيل دل، ائين آهي لڳندي-

ڪوئي چاهي دل ۾ ، اندر ڪين اوري-
انهيءَ راز دل جي، خبر ڪيئڻ پوندي

ها! رسم وفا سان، رهي راهه روشن،
پريم جوت مان جوت، ٻرندي آ رهندي-


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# غزل

سهارا بي سهارا جو ڪري ويا،
رقيبن ڪي ته چڱ وارا ملي ويا-

ڪيو جن وعدو هو، عمر ڀر جو،
رولي اڌ راهه ۾، ويا ڪل ڇڏي ويا-

نڀاهڻ ٻي نٿو، هر ڪوئي ڄاڻي،
لتاڙي نرم دل، ڀوري ڀڃي ويا-

جبل جيڏو لڳي ٿو، هاڻ جيون،
ناحق ٻي دل ۾، پنهنجو گهر اڏي ويا-

لڳي ٻنواس ٿو، سنسار سارو،
اميدون خاڪ ۾، ساريون گڏي ويا-

"پريم" هر آس آهي، ٿياس تي چڱ،
اهڙي هر آس جي، حالت ڪري ويا-

# غزل

پيار پرواز ڪئي، جيئن جو اڏري ويو،
هاڻي هر ڪو چوي، مان ڏڪيو مان ڏڪيو-

مولا مهلت ڏني هئي ته توبهه ڪيو،
وقت گذري ويو، پر عمل ڪونه ٿيو-

هر ضرورت جي شئي آهي اڻلڀ ٿي وئي،
وقت ظالم هتان، هر ڪو لٽجي پيو-

خود غرضي گهٽي جو، وڌندي وئي،
چين آرام سڀ جو آ، ويندو رهيو-

ان هوا باهه پاڻي، ضروري شيون،
تن جو راڪاس کهڙي آ رستو جهليو-

"پريم" جي پاڪ جذبي ڪئي الوداع،
پوت لالچ جو، هر جاء، ڪاهي پيو-

# غزل

ڪڏنهن وقت اٽائو، اهڙو وارو ڏيندو آ،
سڪ جو ساءُ به، ٻاڙو ٻاڙو لڳندو آ-

جڏنهن ڪو دل جو دلبر، دوکو ڏيندو آ،
پل پل زهري تير جيان، پيو چڀندو آ-

بعد وصال جي، نيٺ، وڇوڙو ٿيندو آ،
ڪيڏو توڙي، پيار حقيقي هوندو آ

چرب زبان ڪي، تا ماڻهو چالاڪ چون
سادو ماڻهو، سور سدائين سهندو آ-

ڪڏنهن ڀلارو وقت، اهڙو به ايندو آ
ريءُ گهرڻ جي، پاڻهي سڀ ڪجھ ملندو آ-

"پريم" امرتا ظالم ڪي ناهي ملندي،
پيار امر آ، قائم دائم رهندو آ-

# غزل

اسان اهنسا جو ئي جذبو رکيو آ،
تڏنهن جابرن کي، سدائين ننديو آ-

آهي دل جي دنيا، ويڳاڙي ويچاري،
۽ ذهني عذابن به، جهوري ڇڏيو آ-

جو بدنام آسو، مڃون پيو وٽي تو،
انهيءَ جڳ سڄي کي ئي دوشي چيو آ-

ويو لاش لتجي، آهي محبتن جو،
ضميرن جي سودي، وڃي اپ ڇهيو آ-

تنهن جو داد دلجاءِ، مونکي ڏئي تو،
ورنه شاعريءَ مان، مونکي ڇا مليو آ-

اڃي تي وڃي، ڇڻ اکين آڏو اوندهه
جڏنهن بيوڙي، عشق ڪافر لکيو آ-

"پريم" تنهنجي حالت، عجب جي نشاني،
زماني هي طنزن سان، حملو کيو آ-

# غزل

پيار پاٻوهه سان جي ٿي، مرڪي ملي،
زندگيءَ کي نئين، زندگي ٿي ملي-

روپ راڻي جڏهن، آرسي تي ڏسين،
آرسيءَ کي نئين، زندگي ٿي ملي،

تنهن جي هر هڪ ادا، دلربا دلربا!،
دل لڳيءَ کي نئين، زندگي ٿي ملي-

شام ٿاڻي جڏهن، سار تنهنجي وڌي،
شاعريءَ کي نئين، زندگي ٿي ملي-

تنهن جا ميندي رتا هٿ ڏسي سانوري
عاشقيءَ کي نئين، زندگي ٿي ملي-

نيڻ پنهنجا جڏهن تون، نشيلا ڪٽين،
بيخوديءَ کي، نئين زندگي ٿي ملي-

توکي ڪنهبي وڳي ۾، ڏسي او سکي،
بيوسيءَ کي نئين، زندگي ٿي ملي-

"پريم" سان چاهه مان، جي ڳلي ٿي ملين،
ان گهڙيءَ کي نئين، زندگي ٿي ملي-

# غزل

آهي چين چاهت، پئي ڳڻ ڳڻياسي،
ملي مات رايا، مٿائي چڙياسي-

سکي ۽ چٽي گل، مٿيءَ ۾ ملن تا،
هي انجام ڏسندي، گهٽوئي سکياسي-

قريبن رقيبن، چلي چال ساڳي،
اڪيلا اڪيلا، سفر ۾ هلياسي-

زماني جي هل چل، گهٽو آسيکاريو،
صبر جو زهر پي، کوي ٿي وياسي-

عجب زندگيءَ جو، آدستور يارو،
کري کوجنا پوءِ، عجب ۾ پياسي-

اهي خاص دليون، ٽٽي جي جڙن ٿيون،
ٽٽي جڙندي جڙندي، جبل جيئن ٿياسي-

سچو پيار ڪنهن کي مقدر سان ملندو،
اهي راز رايا، پئي ٻڌاسي پڙهياسي-

وفائن جي ڳولا، هي پياسي نگاهون،
اجايو خوابن جي، پويان ڊڪياسي-

اسان جنهنکي چاهيو، نه ماڻي سگهياسي،
لکين ڪوششون ۽ وڏا وس ڪياسي-

"پريم" پيار پارس جي، تاثير چئبي،
هياسي جي فاني، امر ٿي رهياسي-

# غزل

سهارا بي سهارا جو ڪري ويا،
رقيبن ڪي ته ڇڻ وارا ملي ويا-

ڪيو جن وعدو هو، عمر ڀر جو،
رولي اڌ راهه ۾، وياڪل ڇڏي ويا-

نباهڻ ڀي نٿو، هرڪوئي ڄاڻي،
لتاڙي نرم دل، ڀوري ڀڃي ويا-

جبل جيڏو لڳي ٿو، هاڻ جيون،
ناحق ڀي دل ۾، پنهنجو گهر اڏي ويا-

لڳي بنواس ٿو، سنسار سارو،
اميدون خاڪ ۾، ساريون گڏي ويا-

"پريم" هر آس آهي، ٽياس تي ڄڻ،
اهڙي هر آس جي، حالت ڪري ويا-


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# غزل

يادگيريون! چو آب آٽن ٽيون،
ياد ماضي ڪري، ڏڪائن ٽيون-

ڪيڏا ٻچپن جا، ها سٺا ڏينهڙا،
تن کي سامهون، اچي ٻيهارن ٽيون-

ڪيڏي جوڀن ۾ موج مستي هئي،
ياد سي ڏينهن ڪري، ڪلائن ٽيون-

درد دنيا جا، روز وڌندا رهن،
دارون هردرد جو، ٻڌائن ٽيون-

دنيا آ درد جو، گهرو ساگر،
ڀوڳي ڀوڳي، ترڻ سيکارن ٽيون-

"پريم" وک وک تي آواڳون ويٺل،
جيئڻ جو ڍنگ پڻ سيکارن ٽيون-

# غزل

اسان وٽ اوهان جا، نياپا جو پهتا،
سارو جسم رقصان، هوا گيت ڳاتا-

تنهن جي حسن جي، هاڪ ٻڌندي او جانان،
ڪوين روز ڪوڙين، قصيدا ٿي لکيا-

پنهنجي پاڳ جو، چا ته چرچو هيو،
روز قدرت ڪان، انمول تحفا مليا

هزارين دلين ۾، هونديون حسرتون،
تو وٽندڙ جذنهن، ويس گل پوش پاتا

دلين جو حسن آ، حقيقي حسن،
اهي سالڪن جا، سدا ڪان ئي رايا-

"پريم" آهي، احساس جو خوب شاعر،
حسن سونهن جا جنهن، سدا گيت ڳاتا-

# غزل

رڳو موهه مايا ۾ ڇڪتاڻ آهي،
سياسي دلاسو، پتو پاڻ آهي-

مفادن کي ترجيح آ، ماٺ ٿي پي تي،
نظر ڦير جاڏي، رتوڇاڻ آهي-

نقادن نظر ۾، آ اصلاح بهتر،
ها تنقيص بيجا، بنا ڄاڻ آهي-

نه تمثيل بهتر، نه تحرير بهتر،
اجائي سجائي، ڇو واڪاڻ آهي

# غزل

ڪڏهن خشڪ سالي، ڪڏهن ٻوڙ ٻوڙان،
اها ٻيوسي چو ۽ ڇا ڪاڻ آهي-

سکن ساڻ ساوا، سڙي پن وڃن ٿا،
سچن جو محافظ، خدا پاڻ آهي-

قلمڪار آهيان، خوشامد نه ڄاڻان،
بري ۽ ڀلي جي، گهٽي ڄاڻ آهي-

ويو پيٽ لوڀيءُ جو، آهي دلو تي،
سندس پوءِ به ساڃي، ڪپي آڻ آهي-

ڪوي گيت تنهن جا، سريلا نرالا،
منجهن مشڪ عنبر جي سرهاڻ آهي-

"پريم" پنهنجو جيون، مثل موج دريا،
طبيعت به من موجي، مهراڻ آهي-

# غزل

ڏسي سونهن سپنا، ٻه حسناڪ سڄڻي،
محبت ۾ دل ڏادي، بيباڪ سڄڻي-

محبت جذنهن، پنهنجو معراج ماڻيو،
تڏنهن سوچ بيحد، ٻڻي پاڪ سڄڻي-

ڪيون نفرتن ڪان، اسان خوب نفرت،
آهيون پيار جا پاڻ، هيراڪ سڄڻي-

آهي پيار احساس، شامل رڳن ۾،
آهي پيار پوشاڪ، خوراڪ سڄڻي-

جواني ديواني، هئي ماڪ وانگي،
لڳي واء اس ۾، هوا ماڪ سڄڻي-

برائيء جي بوٽي، برائي ڪمائي،
آهي نيڪ سيرت، سندي هاڪ سڄڻي-

سندم سوچ جو کو، تکاٹو نه ٽاٽو،
سندم سوچ بي وقت بي ٽاڪ سڄٽي-

اجا انتظارن جي، موسم نه بدلي،
آهي عشق آتش، صفا ٽاڪ سڄٽي-

جتي وعدن جا، بنايا محل ها،
انهيء آستاني، اڏي خاڪ سڄٽي-

جهڙالي آ موسم، لڳي هير تڏڙي،
"پريم" ياد ماضي، آ غمناڪ سڄٽي-

# غزل

تنهنجي الفت جو ڪرم آ، زندگي بهتر بڻي،
ڪونه هاڻي غم وهم آ، زندگي بهتر بڻي-

آس ڪان بيحد گهڻي تو، مهرباني آ ڪئي،
جو ڳنڍيو مون سان، جنم آ، زندگي بهتر بڻي-

ائين لڳي تو دل ۾ نهي جي، گڏ پئي ڌڙڪي صنم،
ٻن دريا هن جو سنگم آ، زندگي بهتر بڻي-

دوستن لئي آ خوشي، آهي عزيزن لئي جشن،
هوش حاسد جو ئي گم آ، زندگي بهتر بڻي-

جوڙ مليو جوڙ سان، بي جوڙ آخر بس ڪئي،
بي رحم کي ٿيو شرم آ، زندگي بهتر بڻي-

الفتن جو مشڪ، امبر کي به واسي آ ويو،
ڪلفتن جو نڪ ۾ دم آ، زندگي بهتر بڻي-

غير آخر غير آهي، غير تي رکجي نظر،
ڪاغذي انجو ڀرم آ، زندگي بهتر بڻي-

"پريم" جي هر هڪ دعا، مالڪ اگهائي آ جڏي،
سات ۾ هاڻي صنم آ، زندگي بهتر بڻي-

# غزل

ناحق حقن تي روز ٿو، ڏاڙا پيو هٽي،
بيوس ويچارو صبر ريءِ ٻيو ڇا ڀلا ڪري-

اصلي ته سونهن خود آ، پٿر ۾ سمايل،
ٿو سنگتراش ان ۾، خيالن جا رنگ ڀري-

آ موت ۽ حياتي، هر جان سان جڙيل،
جو مات موت کي ڏئي، سوئي نٿو مري-

ڪنهن کي عذاب ڏيئي، ماڻي سڪون ٿو،
مظلوم سان هو ظالم، ڇو خوامخواه لڙي-

پڻتي ڏکڻ جو هرهڪ، حربو پيو هلائي،
معصوم دل رنجائي، شاطر پيو ٺري-

"پريم" پنهنجي روح ۾، رت جيئن روان دوان،
ڏسندي برو تماشو، ڳٽتين ۾ پيو ڳري-

# غزل

مون کي تنهنجي يادن جو، ڀرپور سهارو آ،
تنهنجو پيار اهو ساگر، جنهنجو نه ڪنارو آ-

نفرت ئي رکو نفرت، نادان نهارن ۾،
جنهن پيار پلئه ۾ پيو، سو ڀاڳن وارو آ-

برسات جي راڳن ڪان، رب پاڪ رکي سڀ کي،
گهر گهاٽ ڇڏي آيا، روڏن تي گذارو آ-

ڪيئن عيد عذابن ۾، مسڪينن جي گذري،
آهون ۽ اکيون آليون، غمگين نظارو آ-

نمناڪ اکيون غم جو، افسانو ٻڌائن ٿيون،
ها! ڏاڍو ڏکيو ڪاٽڻ، پوءِ به جيون پيارو آ-

ڪ آه غريبن جي، ٿي عرش عظيم پڄي،
آهي سچ ۾ ساءِ گهٽو ۽ ڪوڙ ڪسارو آ

مظلوم سان ظالم جو، وهنوار ظلم وارو،
ڪمزور پيو پوڳي، نادار ويچارو آ-

پئي دنيا ساڙولي، مونکي ڇو ستائي ٿي،
ها پيار حقيقت آ، هي منهن جو نعرو آ-

"پريم" سان قائم هي، سنسار سمورو آ،
ناحق تي وڄايو ڪنهن، نفرت جو نغارو آ-

# غزل

انسانيت باقي بچي، مولا ڪري ويجهي وڏي،
غرض جي غار ۾ غرق، انسانيت نه ٿي وڃي-

هرڪو ترقيءَ گوءِ ۾، ٻئي کي لتاڙي ٿو وڃي،
حق ڦٻائيندڙ ڪڏنهن، چين سان نه جي سگهي-

خواهش ضرورت ۾ فرق، جي آدمي سمجهي سگهي،
فڪرن عذابن کان ڇٽي، انسان ڪامل ٿي پوي-

لوڀي ٿو چاهي رات ۾، حاصل ڪري سيڪجهه وٺي،
ان لوڀ لالچ هوس ۾، انسانيت ويندي رهي-

اخلاق جي پستيءَ سبب، ٿو خون انساني وهي-
ناپاڪ سوچ تعصبي، ٿي زهر ذهنن ۾ پري-

انس کان عاري دنيا، احساس لئي آري ٻٽي،
بي پهچ ۽ بي واهه کي، انصاف آخر ڪيئن ملي-

آبرو ناموس آهي، قيمتي هر غرض کان،
پاڻ سان ناهي سچو، رهجي سدا ان کان پري-

"پريم" جو پيغام آهي، امن الفت ۽ خوشي،
پاڻ کي دنيا سموري، پاڪ تعصب کان ڪپي-

## غزل

پيريءِ ۾ پيار، ڪنهن جي جتايو ته ڇا ٿيو،
جوڀن وڃائي، وصل ورايو ته ڇا ٿيو-

تون مان جي فرق ۾ رڳو، قاتل دنيا رهي،
صدين اهو جي فرق، مٽايو ته ڇا ٿيو-

رهزن رفيق سان سدا، ساڳي روش رهي،
هڪ هڪ ڪري سڀن سان، نڀايو ته ڇا ٿيو-

ناحق جي نفرتن وڌيون، بيواجبيون ڪيون،
وشواس جيتي رحم پو، آيو ته ڇا ٿيو-

لاتعلقيءِ جي موسم، حاوي بهار تي،
دشمن ڪلي ڳلي سان، لڳايو ته ڇا ٿيو-

مشروب سان ملائي، ساقيءِ زهر ڏئي،
تي واهرو وري جي، بچايو ته ڇا ٿيو-

دل جو چمن سڪي صفا، ويران ٿي ويو،
صحرا تي بادلن جي، وسايو ته ڇا ٿيو-

ٿوڪر تي    ٺوڪرون هٽي، بيحال جنهن ڪيو،
ذلفن جي    ڇانؤ ۾ جي، ويهاريو ته ڇا ٿيو-

مون    پيار ڇا ڪيو، رڳو الزام پلئه پيا،
بي درد    لوڪ شهر، ڇڏايو ته ڇا ٿيو-

هر وڪ تي هار منهنجي، آجيان ڪندي رهي،
بي رحم فطرتن جي، ستايو ته ڇا ٿيو-

هو حسن ۽    جواني، ڪوئي صنم نه هو،
هاٽي    سهانو وقت جي، آيو ته ڇا ٿيو-

"پريم"    دلي نه    هو!!!، رڳو    ڏيکاءُ ظاهري،
ڪنهن صحن    گل پتين سان، سجايو ته ڇا ٿيو-

## غزل

جيڪو معصومن کي ماري، ڪيئن ڀلا انسان آ،
دشمني ڪڪ جي ڏکي، جيڪو رکي نادان آ-

شيطان کي شر ۾ مزو ۽ امن ۾ هو بي مزي،
انسان جو ويري ازل کان، شومتي شيطان آ-

ڏاڍ سان دليون فتح ٿينديون ڪڏهن نا هن پڌيون،
من پسند جو لوڪ جو، سوئي سچو سلطان آ-

نيڪ بد عملن جي موڙي، ٿو ڪٽي سيڪو وڃي،
نانءُ نيڪي ڳائبي پئي، آدمي مهمان آ-

مان رتبي شان شوڪت جي طلب سيڪو رکي،
انسان جي اصلي ضرورت، گهر لٽو ۽ نان آ-

بک بيڄڙي ٽول خاطر، آبرو مجروح ٿئي،
پيٽ پالڻ واسطي، مارن سندو ايمان آ-

"پريم "جي پوري حياتي، نفرتن جي نظر ٿي،
نيٺ ملٽي آهي منزل، هي پڪو ايمان آ-

# غزل

دل وارن چو پيار جي بازي هاري آ،
پيارن وچ ۾ حائل دنياداري آ-

ڪير موافق، ڪير مخالف پنهنجو آ،
پرکيندي ڪئي، جذبن توبهه زاري آ-

کوٽ قدر جي، لاعلمي همدرديءَ کان،
ساري حياتي جن سان پاڻ گذاري آ،

هرڪو پنهنجي پر ۾ نيڪ سڏائي ٿو،
محفل مان اٿ، پوءِ شڪايت جاري آ-

ڪونه مليو ها ڪونه مليو آ، پيار مونکي،
شايد دنيا ساري، نفرت ماري آ-

پاڻ پرين اظهار ڪري، هرڪو سوچي،
پنهنجي انا هر ڪنهن کي، هوندي پياري آ-

نيڻن ملندي، عقل شرم تو قيد ٿئي،
عشق اگهاڙو ٿي پئي، ڪيڏي خواري آ-

مات مٿي ۽ مات مٿي، اظهار ڏکيو،
مات مٿيء ۾، بيشڪ يار بهاري آ-

"پريم"! نه ملندو پيسي سان آ پيار مگر،
دنيا لڳي تو، پيسي جي پوڄاري آ-

# غزل

لڳي عمر ساري، سفر ۾ ڪٽي آ،
مگر سوچ ڪاٽي، قراري نه ٽي آ-

چا انسان؟! گذران، آسان ايڏو،
تو رفتار پنهنجي، گهٽائي ڇڏي آ-

حقيقت سدائين حقيقت آ رهندي،
انهيءَ ڪي سند جي نه حاجت پئي آ-

وئي ميٺ محبت، صفا موڪلائي،
تڏنهن بي سڪوني ڪري گهر وئي آ-

ڪڏنهن خوب گرمي، ڪڏنهن خوب سردي،
رهي بارشن جي، اجا مند پئي آ-

پڄي پاڻ منزل تي ڏڪجي وڃون ٿا،
سفا ڪن اسان سان به ڏادي ڪئي آ-

اسان جي خوابن جي، دنيا عجيب آ،
عذابن ۾ ظالم، سندي ننڊ ڦٽي آ

نه ڪائي سداءِ پڙاڏو ڪو گونجي،
صدا هر اسان جي، ڳلي ۾ گهٽي آ-

ڏکي يا سکي ٽي، وڃي سڀ جي گذري،
اسان جي هٿان ڪين، دل ڪا ڏکي آ-

"پريم" جيڪو ڪرڻو اٿئي، سو ڪري وٺ،
گهڙي وير ڪنهن لئي، نه ترسي رڪي آ-

# غزل

ٻئي جي پلائي، وڏي دل ڪپي ٿي،
وڏي جستجو ٿي، جي ميجتا ملي ٿي-

ٻئي جي ثنا آ، هضم ان کي ٿيندي،
جنهنجي سوچ، ساگر ڪان گهري هجي ٿي-

محبت حدون عالمي جي اورانگهي،
ڪويتا پوان جي، مثالي ٿئي ٿي-

امن ۽ محبت، صفت ماڻهپي جي،
وحشي طبيعت ۾، وحشت رهي ٿي-

آهي ذهن جنهن جو، خزانو علم جو،
ڪلا پڻ انهيءَ جو، سدا ساٿ ڏئي ٿي-

پکين جي ٻوليءَ ۾ به، موسيقي شامل،
مگر شاعري، ڇا ته معنيٰ رکي ٿي-

عوامي مسئلن سان، تن جو وڃي ڇا،
عياشيءَ ۾ اي سيءَ ۾ تن جي ڪٽي ٿي-

گلابن جي موسم ۾، بوندن جي رم جهم،
اڪيلي حياتي، صفا وهه لڳي ٿي-

اسان جون صدائون، اهي ڪيئن ڪنائن،
جبل وانگي جن جي، حياتي هجي ٿي-

"پريم" تون جي چاهين، هي دنيا مثالي،
ته اصلاح پنهنجيءَ سان شروعات ٿئي ٿي-


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# غزل

زندگيءَ کي زندگي، سمجهي ڪٽڻ ۾ بهتري،
پيار جي احساس کي، پرکي وڏڻ ۾ بهتري-

پيلو گهڙو جي ٿو ملي، ڏک ٿو ٿئي نقصان جو،
نيڪ ڳولي نيڪ سان، رشتو ڳنڍڻ ۾ بهتري-

ٿو سدا دشمن رهي، نقصان جي ئي تاڙ ۾،
دشمن ڏسي رستو مٽڻ، دوري رکڻ ۾ بهتري-

انتظارن آسرن ۾، عمر ساري وئي هلي،
صبر توڙي شڪر سان، جيون ڪٽڻ ۾ بهتري-

دل اندر جنهنجي دغا، احسان سان متجي نٿي،
نانگ کي قابو ڪري، پوءِ ڏند پٽڻ ۾ بهتري-

خالي هٿن سان ڪيئن پلا، ڏونگر کي ڏاري ڪو سگهي،
پنهنجي مت سان مسئلي کي، حل ڪرڻ ۾ بهتري-


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن راهه سان آهي ڇتو، ڇوٽو اهو رستو وٺين،
پر خطر جا راهه آ، ان کي مٽڻ ۾ بهتري-

ڇوٽ ڏيندڙ چؤطرف، هر روز گهيري ۾ رکن،
بدخواهن جي نظر کان، خود بچڻ ۾ بهتري-

"پريم" رب راضي هجي، شرير شودا ڇا ڪندا،
خلق جي خدمت ڪرڻ ۽ دل ڪٽڻ ۾ بهتري-

# غزل

جڏنهن پورهيتن جا ميڙاڪا مچن ٿا،
ته پرمار کي، خار ڏاڍا لڳن ٿا-

متان تون غريبن کي، بي يار سمجهين،
سيئي اهل دل، تن جا حامي هجن ٿا-

ڪنهن جو حق ڦٻائڻ، ڪڏي ڪار آهي،
سر عام مزدور، سارا چون ٿا-

اوهان جي حمايت ڪئي آ، ڪنداسي،
صحافي قلم ڪار، سارا چون ٿا-

عزم حوصلي ۽ همت ۾ جواني،
هي مزدور، ڏونگر ڪان ڏاڍا ٿين ٿا-

سچائي  ستائي، ماٺي مان اڪثر،
مڪارن  جا ڏينهن چار جلوا رهن ٿا-

خدا  ڪي آ مخلوق، ڏادي پياري،
هچارا  مگر ڪين سمجهي سگهن ٿا-

ڪري  لوڀ  لالچ، انڌو آدميءَ ڪي،
سيئي  پول  پرمار، تنهنجا ڪلن ٿا-

تپي ڪيئن دانگي، آ سڀ ڪجھ مهانگو،
ڏڪاري ڪمائي، ڪسي سڀ وٺن ٿا-

"پريم" چاهي خوشحال، پورهيت هجن سڀ،
ٿين لوڻ پاٽي!!، جيڪي جبر ڪن ٿا-

# غزل

غم جا بادل، گهرا ٿي ويا،
دل جا حصا، ٻکرا ٿي ويا-

خودپرستي، ايڏي وڌي وئي،
انس حيا، سڀ وکرا ٿي ويا-

ناتا رشتا، ساٿ ڇڏي ويا،
سڀ سهارا، پڌرا ٿي ويا-

سڀ مخالف، هڪ ٿي ويا-
تن جا وارا، نيارا ٿي ويا-

اهڙي اٿائي، واءُ گهلي جو،
احساس سمورا، پرزا ٿي ويا-

"پريم" جا پرزا ڪير سهيڙي،
شيشي وانگي، ٽڪرا ٿي ويا-

# غزل

بي بقا وقت هيو، تيز تر گذري ويو،
ڇڏ ڪٽي شوخ ادا، دؤر حاضر ڪي ڇيو-

چال هئي سست اگر، ذهن هو تيز مگر،
هيءَ پئي هاڻي خبر، وقت بي ترس هيو-

سڀ سزا سر تي سٺي، ڪونه پر هار مڃي،
هيرو هيرو ئي رهيو، ڪوڙ ظاهر تي پيو-

روح معطر تي ويو، گلبدن جڏهين ڇهيو،
خيال پرواز ڪيو، عشق آ ماڳ رسيو-

سادگي ڏاڍي سٺي، پر ڳلي پئجي وئي،
ذهن تي زور پيو، چين ويندو ئي رهيو-

"پريم" هر دل ۾ هجي، لوڪ نفرت ڪان بچي،
سرڳ سنسار تي پئي، شعر اهڙو ئي رچيو-


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# غزل

جوڙ جذهين، قضا ڇنا آهن،
قرب جا سيپ، قصا رنا آهن-

ظلم جي انتها، ڏسي تو لڳي،
ڏينهن بس!! ظلم جا پنا آهن-

عشق آهي، سراپا سوز جيان،
غم پريا شعر سان، پنا آهن-

وقت کان اڳ اچي وئي پيري،
ايذا ته ڏک، ظالمن ڏنا آهن-

بي سبب!!، لاش روز ڪيرائن،
قاتل نسب جا، ڪنا آهن-

"پريم" انياء، عام جام ڏسي،
نيڻ هر هر، پٽي پنا آهن-

# غزل

ڪمائج! نانءُ نيڪي، زندگيءَ ۾،
مزو جيئڻ جو آهي، سادگيءَ ۾-

چڏي ڏي عارضي، سارا سهارا،
کھڙو جيئڻ پلا آ، بيخوديءَ ۾-

سچو سو شعر، جيڪو دل ڪٽي ٿو،
نه ڪر بڪواس، ڪائي شاعريءَ ۾-

حقيقي پيار آهي، دل جو سودو،
نه رکجي لوڙ ڪائي، دل لڳيءَ ۾-

مفادي پيار آ، نفساني خواهش،
وساري پاڻ چڏجي، عاشقيءَ ۾-

"پريم" جي پيار ڪي آ، جاوداني،
سراسر بت پرستي آ، خوديءَ ۾-

# غزل

ڇڏي رنجشون سڀ، خوشيءَ سان ملو،
خوشيون ورهي دل مان، ڪدورت ڪڍو-

اهي تارا ڪنهن جي اکين جا هئا،
جو معصوم ماري، ٿا بدلا وٺو؟!-

جاهل جيڪي سيئي، حدون ويا لتاڙي،
ڏسي ڏاڍ تن جو، آ ڏاهو رنو-

اهي ڪيئن سمجهن، ڪرب قهر جو،
لڳو جن کي ناهي، ڪنڊو يا ڇرو-

انهن ساڻ حق جون، ڇا ڳالهيون ڪيون،
نسل جن جو ناهي، اصل کان ڀلو-

"پريم" راهه مان راهه، نڪري پوي،
رکي رب تي، بهتر ڪري کو بلو-

# غزل

اڇن لٽن ۾، خوب ٺهين ٿي،
مون کي ته گل رابيل لڳين ٿي-

تنهنجي جسم جي، خوشبو مهڪي،
رات جي راڻيءَ جيئن، مهڪين ٿين-

آچاهه چنبيليءَ، وانگي تنهن جو،
منهن جو من، مهڪائي ڇڏين ٿي-

منهن تي پگهر جيئن، ماڪ گلن تي،
پريمي من کي، موهي وجهين ٿي-

جيئن گل ۾ بلبل، چنڊ چڪوري،
مون سان ايڏو، پيار ڪرين ٿي-

چنڊ وٽي، چانڊوڪي تو کان،
چنڊ جي لاءِ چڙ سج هجين ٿي،

دل ٿي خوشيءَ ۾، جهومي ڳائي،
مرڪي ٻانهن کي هار ڪرين ٿي.

هر منظر تو، خوشيءَ ۾ جهومي،
مرڪي مرڪي، جي ٿهڪين ٿي.

تڏڙي تڏڙي، هير گهلي ٿي،
ٿارين وانگي، پينگهه لڏين ٿي.

مونکي جيون ڏاڍو، پيارو لڳي ٿو،
"پريم" پيارا، چئي جي سڏين ٿي.

# غزل

ملندو پيار پيسي سان، هي عجيب چرچو آ،
جي ملي پيار پيسي سان، پيار ناهي دوکو آ-

هن وشال دنيا ۾ مرڪ جو بدل ڪونهي،
مون لاءِ مرڪ محبوب جي، بهترين تحفو آ-

پيار ڪو وکر ناهي، جو خريد ٿي سگهندو،
پيار آ سچو سودو، هي عظيم جذبو آ-

پيار جا امر قصا، سدائين امر رهندا،
اهڙو امر پيار ملي، جيون پوءِ اموتو آ-

جيسين سر سلامت آ، پيار جي امانت آ،
پيار ۾ حياتيءَ جو، روح وارو رشتو آ-

پيار ۾ پيارن لئي، ڪيترا شهيد ٿيا،
پريم ۾ پريتم جو، ڪيڏو وڏو رتبو آ-

"پريم" سان ساري ڌرتي، آشتيءَ امن واري،
پيار کان سواءِ جيون، بور ڊرامو رونشو آ-


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# غزل

اگر پيٽ مارن جو، خالي آ ساٿي،
ته ترقي ۽ ترويج، خيالي آ ساٿي-

ڏسو جنهن کي، آهي منتشل مسئلن ۾،
نظر هر زبان تي، سوالي آ ساٿي-

خسارو خسارو، ٻڌي ڪن پچي پيا،
قرض تي گذارو، نه مالي آ ساٿي-

خيالي پلائن سان، ڪيئن پيٽ ڀربو،
زمانو به ڪيڏو، حوالي آ ساٿي-

سدائين ڪنوارا، رهيا پنهنجا جذبا،
نه جذبن کي، سالو يا سالي آ ساٿي-


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڏنهن ڳالهه وزني، ڪڏنهن آ خيالي،
هر سياسي بندو ڪو، موالي آ ساٿي-

وسي هلڪي بارش، هاٺي بوند بند ٿي،
موسم ڪيڏي پياري، جهڙالي آ ساٿي-

سدا ڏاڍ ڏادي جو، جاري ۽ ساري،
هر ممتا جي اک، آلي آلي آ ساٿي-

"پريم" پاڻ آهي، نرم دل جو مالڪ،
طبيعت جو ٿورو، جلالي آ ساٿي-

# غزل

محبوب منهنجي من ۾، تصوير ڇا ڪبي،
جي خواب ئي رسي وڃن، تعبير ڇا ڪبي-

عزت جي دال روٽي، مالڪ نصيب ڪر،
امير بي ضمير ٿي، جاگير ڇا ڪبي-

جيئڻو اسان کي آهي، همت ۽ هوش سان،
جيوت گدڙ مثال پوءِ، دلگير ڇا ڪبي-

چاهين ٿو رات وچ ۾، امير ٿي وڃان،
اهڙي حرام دولت، بي ضمير ڇا ڪبي-

مونکي کپي ٿي ملڪه، هڪڙي حسن جي راڻي،
بندري ٿلهي بي ڊولي، چپ چير ڇا ڪبي-

محنت سان ماڳ ملندو، محنت سان مان ملندو،
هٿ سن هجن ته ڀاڳ جي، لڪير ڇا ڪبي-

اڳ ۾ ئي بند هوائون، بجلي به بند اڪثر،
بدبو ڪٽي اچي هوا، سا هير ڇا ڪبي-

"پريم"!! غريب ماڻهو، بک ۾ مرن پيا،
جيئڻ تان دل کڃي وڃي، اڪسير ڇا ڪبي-

# غزل

دنيا دوستيءَ جي، نه قابل رهي آ،
وڏي ٽورو اڳتي، وئي پوئتي هٽي آ-

چارئي ويد سنڌوءَ ڪناري رچيا ويا،
پنهنجي سنڌ دنيا جي، معلم رهي آ-

اسان جي ثقافت آ، ڏاڍي پياري،
اجايو مخالف، نندا چو ڪئي آ-

منافق جي چالن، هي حالت ڪئي آ،
وجهي وچ ۾ ويڇا، محبت لٽي آ-

مون ڪي دال ڏيڏو، ڪپي ٽو جيئڻ لئي،
گرانيءَ اسان کان، خوشي هر کسي آ،

وڏي لوڀ لالچ، خلوصن جي کوٽ آ،
ڏني خواهشن هي، بندي کي هٽي آ-

گلائن جي موسم جي، شروعات ٿي آ،
اسان مائٽن کي، ڇا مائٽي ڇڏي آ-

سچائيءَ جي اهميت، جو گهٽجي وئي آ،
ٺڳي چاپلوسي، وئي اڳتي وڌي آ-

نه هيرن نه موتين جي خواهش رکي آ،
صرف پيار جي مون، خوشي پئي گهري آ-

"پريم"!! خواب پنهن جا ٿيا پورا پورا،
مون کان زندگي وئي، جو ناتو کٽي آ-

# غزل

هر خيال ھاڻي پنھن جو، ڇڻ خواب ٿو لڳي،
ڇو حق گھرڻ تي دنيا، پٺتي پئي ڏڪي-

هر حال ۾ غمن کان، رهجي پري پرين،
جي خوش رهڻ جو، پاڻ کي تدبر اچي وڃي-

مرڪون منديون پڇي ٿو، مايوس ڇو لڳين ٿو،
کهڙو سبب ٻڌايان!، مسبب پيو پڇي-

بي سوچ هن زماني، خوشيون ڪسي ورتيون،
ڪيڏو اندر سڙي ٿو، جي حق نٿو ملي-

گذري ائين حياتي، پل پل ڳڻي ڪٽيو،
تقدير ڪيئن بدلجي، نئين راهه ڪا کلي-

قوت خريد ڪونهي، ميلو متل گهڻو،
آهي جو جيب خالي، ڪيئن پو مزو اچي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منزل ڪي آهي ڳولا، پرعزم حوصلن جي،
جي قدم لڙڪڙائن، پوءِ ڇا پلا ڪجي-

ڪوششون اسانجون، هرگز نه ضايع ٿينديون،
پر شرط آهي لازم، جذبو اٽل هجي-!!!!

"پريم" پرائي حق تي، حق ڪونه ٿو جتائي،
انصاف ٿو گهران مان، اعزاز سان ڪپي-

# غزل

گڏجي جيئڻ مرڻ جو، ويهي وچن ڪجي،
جهڙي سسئيءَ پنهون جي، محبت اهڙي هجي-

اڄ عشق جي اجهامي، مون وس وڏا ڪيا،
خود عشق آهي آتش، اڄ تي وڏي وجي-

عشق و حسن جو پاڻ ۾، آهي ازل کان ناتو-
مان ڇا ڪيان جو پاڻ ڏي، پئي سونهن تي سڏي-

تنهنجي اکين ۾ آهي، جيڪا ڪشش ڇڪي تي،
هن دل اتاوليءَ تي، ڪيئن ٿو پو وس هلي-

علم و عقل کان، ڳالهه هيءَ آهي گهٽي ڀري،
ڪيئن ڪو حياتي پنهنجي، ٿو داءَ تي رکي-

محبت ۾ طمع ڪهڙي، محبت جو ماڳ ڪهڙو،
محبت امر بنائي، ٻيو ڇا ڀلا ڪپي؟!!!!-

اڪثر ڪري محبت ڪي، مات تي ملي،
ظالم آ جيڪو ٻئي جي، تربت تي گهر اڏي-

سپ پيار جا پانديئڙا، مورک پيا ٿا سڏجن،
مورک آ جيڪو ٻئي ڪي، مورک پيو سڏي-

محبت ڪي سمجهي محبت، دل جان سان ڪجي،
باقي نه راند سمجهي، چئجي ٿاٽو ٿري!!!!!!-

محبت جي موٽ ۾ ٿي، نفرت پلئه پئي،
جيڪو هجي ديوانو، محبت جو دم ڀري-

محبت جي مامري ۾، ڏوريو مون جڳ سڄو،
مطلب سواءِ ڪوئي، محبت نٿو ڪري!!!-

"پريم" نانؤ هوندي، محبت ملي نه مونکي،
جيئن تي ڏيئي جي هيٺان، اونده سدا رهي-

# غزل

خوشيءَ جون خوراڪون، ڪارايو اسان ڪي،
محبت جو مشروب، پيئاريو اسان ڪي-

سوالن جوابن ۾، الجهي پئون ٿا،
وجهي ور وڪڙ ٿا، منجهايو اسان ڪي-

نڪو حال ماضيءَ ۾، محبت ملي ڪا-
اڃي چاهه چسڪو، وڌايو اسان ڪي-

وڃي خيال پنهنجو، خلائن ڪان اڳتي
ڏئي پيار جا پر، اڏاريو اسان ڪي-

اوهان جي عنايت، ڏسو ٿا جي مرڪي،
نظر نينهن سان پيا، نهاريو اسان ڪي-

پکيءَ جي پيئڻ سان، ڪٿي ڪونه ساگر،
چکي چاهه واري، چکايو اسان کي-

رکي نينهن ناتو، نئون روح ڦوڪيو-
مئل مثل آهيون، جيئاريو اسان کي-

عجب ريت آهي، اوهان جي نرالي،
دنيا وانگي چوتا، ڏڪاريو اسان کي-

"پريم"! پيار جا، پاڻ پياسا رهياسي،
سرڪ مرڪ سان پيا، پيئاريو اسان کي-

# غزل

هر خيال هاڻي پنهن جو، ڇڻ خواب ٿو لڳي،
چو حق گهرڻ تي دنيا، پڻتي پئي ڏکي-

هر حال ۾ غمن کان، رهجي پري پرين،
جي خوش رهڻ جو، پاڻ کي تدبر اچي وڃي-

مرڪون منڊي پڇي ٿو، مايوس چو لڳين ٿو،
کهڙو سبب ٻڌايان!!!، مسبب پيو پڇي-

بي سوچ هن زماني، خوشيون کسي ورتيون،
ڪيڏو اندر سڙي ٿو، جي حق نٿو ملي-

گذري ائين حياتي، پل پل ڳڻي ڪٽيو،
تقدير ڪيئن بدلجي، نئين راهه ڪا کلي-

قوت خريد ڪونهي، ميلو متل گهڻو،
آهي جو جيب خالي، ڪيئن پو مزو اچي.

منزل کي آهي ڳولا، پرعزم حوصلن جي،
جي قدم لڙکڙائن، پوءِ ڇا ٻيلا ڪجي-

ڪوششون اسانجون، هرگز نه ضايع ٿينديون،
پر شرط آهي لازم، جذبو اٽل هجي-!!!!-

"پريم" پرائي حق تي، حق ڪونه ٿو جتائي،
انصاف ٿو گهران مان، اعزاز سان ڪپي-

# غزل

ڪيڏو نه آ، انياءُ دنيا ۾،
ڪونهي ڪو ڪهڪاءُ دنيا ۾-

زن زر زمين، جي خاطر،
پائن ڪئو ياءُ، دنيا ۾-

نفرتن جي، چار اڏامي،
کهڙو وريو، واءُ دنيا ۾-

ناٽي عيوض، نياءُ وڪامي،
ڇٽيو ڪو عادل ماءُ دنيا ۾-

ڪاغذي گل، نقلي چهرا،
اهڙو ئي، ورجاءُ دنيا ۾-

دنيا جي، هرچيز آفاني،
ڪنهن ڪي آ، جتاءُ دنيا ۾-

"پريم" مطلبي دنيا ساري،
ناهي سڪ ۽ ساءُ، دنيا ۾-


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# غزل

رکي هرڪو طلب ٿو، راحتن جي،
ڪمي ڪيڏي نه آهي، چاهتن جي-

ڪندن وارو آ رستو، نفرتن جو،
ٻنيءِ جان باهه آهي، نفرتن جي-

بچي هرڪوئي شيطاني ڦندن کان،
شرارت ساري، ظالم فطرتن جي-

ڪٽي ٽوڙي، حقيقي جيڪو رشتا،
پوڳي دوري اهو ٿو، شفقتن جي-

ڪرم جي آ نظر، قادر جي هردم،
ڪيڏي ارزاني آهي، نعمتن جي-

"پريم" جي راهه ۾ ئي آهي راحت،
ڪڙي ڪيڏي ٿي گذري، ڪلفتن جي-



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# غزل

حق هر هڪ کي ملندو، غمگين گذاريان ڇو؟،
ڪيسين ظالم ظلم ڪندو، غمگين گذاريان ڇو؟-

خوشيون ڪوڙ زماني جو، اڄي قدم منهنجا چمنديون،
اڄهو وقت اهڙو ايندو، غمگين گذاريان ڇو؟-

سڀ ساهه ڪندا صدقي ۾ جاءِ ڏيندا دل ۾،
هي خواب پورو ٿيندو، غمگين گذاريان ڇو؟-

ڏک درد زماني جا، ويجهو نه منهن جي ايندا،
ڏکيو وقت هليو ويندو، غمگين گذاريان ڇو؟-

هر روز زماني جا، رخ راز پيا متجن،
هر دؤر آهي ڦرندو، غمگين گذاريان ڇو؟-

آهي حق جي جيت ٿيندي، ڪوشش سان دل ڪٽبي،
قلعو ڪوڙ سندو ڪرندو، غمگين گذاريان ڇو؟-

هر دل جي ترجماني، هن "پريم" ڪئي آهي،
هر ٻار ٻيو چوندو، غمگين گذاريان ڇو؟-


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# غزل

هر پرمار جي نظر، ڪپي ٿي عوام ۾،
اربين روپين جو سبق، ملي ٿو انجام ۾.

هن صوفين جي سنڌ کي، ڪنهنجي نظر لڳي،
ڪوئي محبتن جو، رنگ ٻري هن نظام ۾.

ها! معاف ڪرڻ آهي، قدرت سندو ڪرم،
ظالم نه ڪوبه، آهي مزو انتقام ۾.

منزل تي ڪوئي پهتو نه پهتو، خدا خبر،
ٻوريءَ ۾ بند لاش آ، پهتو مقام ۾.

ڪمزور جو پگهر پيو، ڪتن جيان چٽين ٿو،
ماڻهن جو خون پيئين ٿو، مئه سمجهي جام ۾.

ڪم ظرف ڪوئي ڪيترو، ڪافر ڪٿي هجي،
جهڪندي ڏٺو آ، تنهنجي اڳيان احترام ۾.

شاعر سڄون هي تنهنجون، انمول بيمثل،
داد ٿو توکي ملي، ڪيڏو انعام ۾-

دل سست ٿي رفتار سان، ڌڙڪي پئي اجان،
شايد ڪمي رهي آ، سر چٽ تمام ۾-

ادراڪ "پريم" جو قوي، تخليق پڻ قوي،
شل شاعري قبول پئي، هر خاص عام ۾-

# غزل

ڪڏنهن پيار پاڻيءَ سان سيراب ٿياسي،
آڳ نفرت، جو ٻارڻ بڻياسي.

ڪڏنهن نيڻ مون لئي، زماني وڇايا،
ڪڏنهن هڪ نظر لاءِ ترسي وياسي.

دنيا کي ڏسڻ پاڻ آباد چاهيو،
محبت ورهائي، حقن لئي لڙياسي.

حقن جي حقيقت کان، آگاهه آهيو،
هيا وس ۾ واڪا، سي واڪا ڪياسي.

ڪڏنهن خشڪ سالي، زمينون سڪايون،
ڪڏنهن ٻوڏ پاڻيءَ ۾، ٻيوس لڙهياسي.

سياڻا کي پيرا، ڇڏن ڪونه ٿا،
ويا نانگ نڪري، پو ليڪا ڪٽياسي.

ڏسي آليون اکيون، ڪليا ڪوڙ دشمن،
سوين سر تي الزام، ڪلندي ڪنياسي.

ڪڏنهن دل محبت جو ساگر لڳي ٿي،
ڪڏنهن پيار پياسا، رڻن ۾ رلياسي-

نه ئي سونهن راڻي، ڪا سپنن ۾ آهي،
نڪو عيش عشرت جا، ڏينهڙا ڪٽياسي-

محبت مفادن جي، وئي ور چڙهي آ،
ٻڌي سوچي سمجهي، نه پٽتي هٽياسي-

ٻين ڪي رنجائي، تون خوش ڪونه رهندين،
هوندئي ياد توکي، هي چوندا هياسي-

ڏسي زور ڪمزور، ظالم نچي ٿو،
سوين سور سختيون، سر تي سٺاسي-

"پريم"! پاڻ پنهن جي ظرف تي هلياسي،
ڪدي ڪاڻ ڪنهنجي، نه ڪانئر سڏياسي-

# غزل

پيار جو خواب، تا دم اڌورو رهيو،
رڳ ۾ اڄ جيئڻ، سارو جيون ڪٽيو-

آزمائش ۾ جيون آ، گذري ويو،
امتحانن اسان جو نه پيڇو ڇڏيو-

نامراديءَ وڏي پئي آ، آجيان ڪئي،
ماڳ جو خواب، تعبير لئي تڙپيو-

حال باعث خوشيءَ جو، نه بڻجي سگهيو،
ياد ماضي ڪري، درد ويتر وڌيو-

هي دنيا ٿي ياسي، ساگر درد جو
زندگيءَ جو سفينو، ڪنن ۾ اڙيو-

ڏک سک ئي سدائين، رهيا تاڙ ۾-
حياتيءَ آ ڏاڍو، تماشو ڪيو-

"پريم"!! معصوم ٻارن، جيان ٻار آ!!!،
جو نه دنيا جي، چالن کي سمجهي سگهيو-

# غزل

پاڳن واري جي ئي حصي ۾ ايندو آ،
پيار به جوڀن وانگي، ارڏو ٿيندو آ-

ري ۽ سڏي مهمان، جيان ئي ايندو آ،
ايندو آپ ۽ واپس، مور نه ويندو آ-

دنيا پئي ٿي، ڪِٽنين جي، ڳاهن ۾ ڳهي،
اهڙي وقت ۾، پيار ئي راحت ڏيندو آ-

ڪوئي پيار جي، ساگر لهرن ڪان ٿو ڊڄي،
ڪوئي آڳ جو سمنڊ به اڪري ويندو آ-

گهڙي پلڪ جو سات، صدين جو سات لڳي،
تنهائي ۾، جيئڻ اوکو لڳندو آ-

پريمي آڇين ڪندن عيوض ۾ گلڙا،
پريمين جو دستور، نرالو هوندو آ-

پيار جي ڌرتي ۽ تي جيڪو نفرت پوکي،
نفرت آڳ ۾، سوئي آخر جلندو آ-

دنياداري ڪيئن ڪري، جو پيار ڪري،
پيار ڪرڻ وارو، تنها ٿي جيئندو آ-

پيار  به اڄڪلهه جو آڇڻ ونهوار سڇڻ،
ڪنهن ڪي ڪنهن ڪي پيار حقيقي ملندو آ-

پيار جي منطق ڪي، جنهن دل سان سمجهو،
سوئي  دنيا  ۾، امر رتبي رسندو آ-

"پريم"  تون ڪنهن سان، عشق لڙائين يار متان،
خوشيون  سک  سکون، نهوڙي نيندو آ-

# غزل

تو جو هٿ، دل مٿان رکيو آهي،
ساهه ويندي، وري وريو آهي-

دل ۾ ڪيئي، قصا رکيم سانديي،
پر زبان سان نه ڪجهه چيو آهي-

گل رقصان آهي، ڇا هي سبب؟!،
عڪس ان تي، پرين ٔ پيو آهي-

چپ چپ ٿا رهن، زماني ڪان،
سوچ ۾ عرض ڪو، ڪيو آهي-

ساٿ تنهنجو جڏنهن مليو مونکي،
پئه پورا، پڄي ٿيو آهي-

ڪونه باقي رهي، برائي ڪا،
ماڻهپو ذهن ۾، رهيو آهي-

"پريم" تو پيار ڪي، آ مان ڏنو،
هي مرتبو، تنهن ڪري مليو آهي-

# غزل

بي چسي بي دڳي، زندگي ڇا ڪبي،
من جي ماندو هجي، شاعري ڇا ڪبي-

زندگيءَ جي سفر ۾، ڪو ساٿي هجي،
دوستيءَ جي بدل، بيڪسي ڇا ڪبي-

زندگيءَ جو سفر، پر خطر پر سحر،
حوصلو جي ڪپي، بيوسي ڇا ڪبي-

ڪنهن ڪي جي چاهبو، پاڻ ڪي ٿا هبو،
جي نه چاهت هجي، آرسي ڇا ڪبي-

موهه ماڻ سنديون، خواهشون ڪر ڪٽڻ،
سپنا ساپيا ٿين، بي خودي ڇا ڪبي-

ذهن يڪجا هجي، نڪا الجهن هجي،
ذهن جي منتشر، بندگي ڇا ڪبي-

هر محبت مفادن جي، وئي ور چڙهي،
جيب خالي هجي، دوستي ڇا ڪبي-

"پريم"! جي پيار ۾، دل جي دوري هجي،
پيار ۾ جي دغا، دل لڳي ڇا ڪبي-

# غزل

وسعت منهنجي خيال کي ڏاڍي ڏئي وئي،
چاهيان رڳو ٿي توکي، مرکي ڇڏئي وئي-

منهنجو خوشيءَ ۾، خون آ ڏاڍو ڏي ويو،
ڪمزور منهنجي دل ۾، شڪتي ڀري وئي-

هاڻي سدائين پيار سان، سرشار ٿو رهان،
منهنجي اندر ۾، آس کي منور ڪري وئي-

هر رات انتظار جي، اوکي ڪٽڻ مگر،
پرسوز پر فريب سهي، گذرندي وئي-

جيئن جيئن زماني راهه ۾، رنڊڪون گهٽيون وڌيون،
تيئن تيئن وڌيڪ هن جي، محبت وڌي وئي-

نفرت نراس دل مان، پاڙئون پٽي وئي،
"پريم" سان ڳلي ملي، نئين زندگي ڏئي وئي-



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# غزل

مان مثالي محبت، تو توسان ڪيان،
هر گهڙي هر جڳهه، ياد توکي هجان-

تنهن جو نالو امر، رهندي دنيا رهي،
سوچ اهڙي تمنا، تو دل ۾ رکان-

موج سنڌوءِ جيان، موج ۾ تون هجين،
توکي خوشحال ۽ بي مثال ڏسان-

ياد تنهنجيءَ ڪان، هڪ پل جي غافل رهان،
پاڻ کي تو صنم، ڏاڍو ڏوهي مڃان-

تنهنجي تصوير، دل تي اڪرجي وئي،
عڪس تنهنجو اکين ۾، سجائي هلان-

بادلو چانڊ پنهن جي، هتايو متان،
ڏرتتي ڪيئن، محبوب تي مان سهان-

چنڊ! توکي ڏسي، سار هن جي وڌي،
توسان ڳالهيون ڪري، روح راضي ڪيان-

آهي گرمي گھٽي، ٻي اداسي الڳ،
تو اچڻ جو ٻڌي، مان ٿو مهڪي پوان.

ڪائناتي حسن ٿي، آلوده ويو،
ڪيئن ان ساڻ ڀيٽي شرمسار ٿيان.

سوچ پنهنجي صفا سطحي هيءَ لڳي،
توڙي دنيا جو شاهڪار، توکي چوان.

هير نالي خدا جي، نه تون بند ٿي،
آجيان ۾ ڪمي، ڪيئن ڏسي تو سگهان.

جيئن پکي پر ڪٽيل تو ويڳاڻو لڳي،
ايئن توبن تو ڏاڍو، ويڳاڻو لڳان.

پيار حالت آ اهڙي، بنائي ڇڏي،
پنهنجي خيالن ۾ گم سم، سدا چپ رهان.

"پريم" پياسي نگاهون، گھرن پيار ٿيون،
توکي هر وقت، اکين جي آڏو ڏسان.

# غزل

نيڻن ۾، ڇڻ جادو آهي،
مرڪن ۾، ڇڻ جادو آهي-

پونئر تو پلجي، ڳل تو سمجهي،
لبڙن ۾، ڇڻ جادو آهي-

وار سڄڻ جا، ونگ وڄهن تا،
وارن ۾، ڇڻ جادو آهي-

پٽر دل کي پيي، پگهرائن،
لڙڪن ۾، ڇڻ جادو آهي-

پنهنجو پرائي، کي تا بنائن،
جذبن ۾، ڇڻ جادو آهي-

ڪڪر ملن تا، ڪنوڻ ڪلي تي،
ڪڪرن ۾، ڇڻ جادو آهي-

لکين پتنگا، روز جلن تا،
شمعن ۾، ڇڻ جادو آهي-

لفظ پريم جا، پيارا پيارا،
لفظن ۾، ڇڻ جادو آهي-

# غزل

کھڙي ڪندي ۾، ڦاٽي دل،
اڃان تائين، نا ھي نڪتي دل-

مڇيءَ جيان ٿي، ڦٿڪي دل،
رڃ جو سفر ۽ پياسي دل-

عشق اڻانگو، پيو مهانگو،
نه چين نه چاهت، تڙپي دل-

دنيا دورنگي، جيئڻ نٿي ڏي،
روز سهي صدما، ٿي دل-

شهر چوراهو، رات اونداهي،
ڪيئن پرينءَ وٽ رسندي دل-

"پريم" تنتي پيا، سپنا سهانا،
سنڌوءَ جيان، پئي اٿلي دل-

# غزل

مولا ڪر ڪا واهر، تر تڪليف ۾ آ،
سنڌ جو هر هڪ ڳوٺ شهر، تڪليف ۾ آ،

مسڪين مارن جو، شام و سحر،تڪليف ۾ آ-
اڄ بک تي هر ويلو پهر، تڪليف ۾ آ-

هندو مسلم شاهه ۽نگر، تڪليف ۾ آ،
شمس قمر ۽ راج امر، تڪليف ۾ آ

مال ۽کي ۽ چت ۽جر، تڪليف ۾ آ،
سوهو ٻڳهيو ٻت ڪسر، تڪليف ۾ آ-

بجلي نه پاڻي، سارو گهر، تڪليف ۾ آ،
ڪونه وڻي ڪجهه روح اگر، تڪليف ۾ آ-

امن ۽ الفت، پريم نگر، تڪليف ۾ آ،
روڊ ۽ رستا، سارو سفر، تڪليف ۾ آ-

# غزل

جيڪو دل جو، قدر ٻه ڄاڻي،
سوئي دل کي، دل سان ماڻي-

هيءُ دل آهي، رانديڪو ناهي،
ڪو دل وندرائي، پوءِ اڇلائي-

املهه آ، انمول منهنجي دل،
ساهه ۾ سانديو، انکي سنڀالي-

ڏکجي ڏکجي، ٿڪجي پئي آ،
ڪوئي اکين ۾، ان کي ويهاري-

قرب وارن جو، ساٿ سدا جو،
قرب کي جيڪو، توڙ پڄائي-

"پريم" جو پيار، مثالي آهي،
ڪو پريمي جيڪو امر بنائي-

# غزل

ساڳيون ساعتون مان، ورائڻ تو چاهيان،
مان پنهنجي محبت، بچائڻ تو چاهيان-

بچي پيار پنهنجو، زماني جي زد کان،
تڏنهن لوڪ کان مان لڪائڻ تو چاهيان-

رقيبن رلين جو، آهي وير کهڙو!!،
نظر بد کان، رستو مٽائڻ تو چاهيان-

زماني جي رسمن، منهنجو خون پيتو،
انهن آفتن کي، هٽائڻ تو چاهيان-

مشرقي محبت جو، آهيان مان قائل،
نه هر هنڌ، دل کي اڙائڻ تو چاهيان-

"پريم" پيار پهريون، باقي چلولايون،
تڏنهن پيار پهريون، پائڻ تو چاهيان-

# غزل

تنهنجي اکين ۾ جاءِ کپي ٿي،
ساري عمر جي، لاءِ کپي ٿي-

هي دنيا دورنگي، پيار جي دشمن،
پناهه سان گڏ، دلجاءِ کپي ٿي-

پيار پريت جي، ريت تا چاڙهون-
پري چهره حسين، مهلقاءِ کپي ٿي-

چين سڪون، قلب جو تو گهر جي،
دل کي خوشي، سدا لاءِ کپي ٿي-

ڳل نيڻ وڇائي، دنيا مون لئي،
چاهه چاهت، هر جاءِ کپي ٿي-

ڇو محبت ڪائي، مات وڃي ٿي،
پناهه صدين جي، لاءِ کپي ٿي-

"پريم" امرتا ۾ مان محبت ماڻي،
جيت جنگ جدل، سواءِ کپي ٿي-

# غزل

ڪنهن نه مون سان، پيار جو جذبو ونڊيو،
وقت منهن جو، قيمتي گذري ويو-

پيار جو رشتو آ، ڪچي تند جيئن،
منهنجي جوڙڻ ڪان، اڳي ٽٽندو رهيو-

پنهنجن پراون ڪان سوين سختيون مليون،
ڪنهن نه شفقت جو، مٿي تي هٿ رکيو،

جنهن جي پويان ڊوڙندي جوڀن ڪٽيو،
پوءِ پتو پيو، سو رڳو پاڇو هيو-

پيار آهي چيز اهڙي، جنهن ڪيو،
پڇتائي ٿو، جنهن ڪي مليو يا نا مليو-

هي سڄو سنسار آ، ڇڻ خواب ڪو،
خواب جي تعبير ڪي، حاصل ڪيو-

امتحان آ ،وقت آ، يا وير آ،
زندگيءَ کي ڪنهن نه آ، سمجهي سگهيو-

علم دانائي، نه ڪم آيا ٻئي،
سور سختين، حافظو منهنجو ڪسيو-

راهه ڏسندي، مون ڪيون پنبڻيون اڇيون،
"پريم" پيريءَ ۾ مليو، جي ڇا ٿيو-

# غزل

هر لفظ ۾ تو، ساهه ڀري تون زنده ڪرين،
مونکي ته تو، استاد جيئن پر اثر لڳين-

تنهنجي شاعري به ناري، ڪا سندري لڳي،
ڪنواري ڪنيا جي سينڌ ۾، سندور تو ڀرين-

دردن ڀري دنيا ۾، تون ڳهاٽي ڇانوَ جيئن،
ٿر جي مٽيءَ تي موسمي ملهار جيئن وسين-

صوفي مزاج تنهن جي، رڳ رڳ ۾ ويو رچي،
هر آدميءَ کي، پنهنجو محبوب تو سڏين-

پنهنجي پرائي کي ، سنئين راهه تو ڏسين،
غيرن جي آهه تي ٻي، پنهنجن جيان لڇين-

هر لفظ "پريم" تنهنجو پيارو پرينءَ جيان،
پريمي دلين جو چڻ ڪو، دستور تو لکين-

# غزل

مسئلن جي ٻوڏ ۾، انسان وائڙو،
ناهي عمل انتي اگر، اعلان وائڙو-

انياءَ جي ڪپت سبب، ڪاوڙ وڏي وئي،
انسان ويس ۾ ٿيو، حيوان وائڙو-

شيطاني ڪار ۾ وڏي، شيطان ڪان ويا،
چيلن جي ڪار ڏسندي، شيطان وائڙو-

داناءَ ٿيا ديوانا، بدحال بڪ ڪري،
بڪيو ٿو سمجهي، مون جيان جهان وائڙو-

گولين سندي گونجار ۾، ماٺهو دڪن پيا،
ان بعد شهر سارو، سنسان وائڙو-

ناهي جزا سزا جو، جنهن ڪي فڪر ادا،
ٿي ٿو وجي پو انجو، ايمان وائڙو-

"پريم" سدائين بهتريءَ جو خواب آ ڏٺو،
بندن جي بيحسي ڏسي، امڪان وائڙو-



## جهڙو نالو پيارو اهڙو پيارو شاعر

حڪيم پريم چاندواڻي اهڙي ڪاتي ۾ نوڪري ڪئي آهي، جتي هن جو واسطو هاري مزدور ڪان وٺي ڪلرڪ ۽ آفيسرن سان قريب جو واسطو رهيو آهي، تنهن ڪري هن جو ادراڪ ۽ مشاهدو بيحد قوي رهيو آهي، انهن جي ڏک سورن ڪان واقف هجڻ ڪري، هر طبقي جي ترجماني هن خوب ڪئي آهي- هن جي مشق مطالعو ۽ مشاهدو ڀرپور ۽ متاثر ڪندڙ رهيو آهي- پريم چاندواڻي، جو ٻوليءَ تي به ڀرپور عبور آهي- هن ڪي ذات ذاتوءَ فن فڪر وڏن ڪان ورثي ۾ مليو آهي- پريم تمام گهڻن موضوعن تي لکي، پاڻ مڃايو آهي، هن جي شاعريءَ جي سلاست بلاغت، جدت ۽ شدت به قابل داد آهي- هن جي اڪثر شاعري مترنم آهي، انکي آرام سان ڳائي سگهجي ٿو- هن جي شاعريءَ ۾ انساني اوصافن ۽ اخلاقي قدرن کي اجاگر ڪرڻ جو درس ملي ٿو- پريم جي شاعريءَ ۾ ڌرتيءَ جي مٽيءَ جو وٺندڙ هڳاءُ روح کي راحت ۽ سڪون بخشي ٿو- مختصر ڇئجي ته هن جي شاعريءَ ۾ هر خوبي بدرجه اتم موجود آهي-

اي- ايم چاندواڻي
ڪراچي سنڌ
14 فيبروري 2023

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو سات نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

**https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book**